هفتيوار رسالو

# فيضانِ مُفتي اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه



- پيدائشي ولي
- بيان روڪرائي توبه ڪرائي
- معلوماتي فتوا

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: فيضانِ مفتيءِ اعظم هِند

ڇاپو پهريون: شوال 1447هه، اپريل 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ مفتيءِ اعظم هِند

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## فيضانِ مفتيءِ اعظم هِند


دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
درود پاڪ جي باري ۾ تحقيقِ رَضا ........ 1
ڪنهن جي دِل نہ ٽُٽي (واقعو) ........ 2
مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪرڻ جي فضيلت ........ 4
پيدائشي وَلِي ........ 5
مفتيءِ اعظم هِند ۽ والدِ محترم ........ 7
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ننڍپڻ ........ 8
پهرين فتويٰ ........ 8
آغاز جڏهن اهڙو آهي تہ انتها ڇا هوندي! ........ 10
ڪاغذ جو ادب ........ 11
متبرڪ ڪاغذ ڪٽڻ جي فضيلت ........ 12
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيرِ ڪامل ........ 12
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون خاصيتون ........ 13
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمامي شريف سان محبت ........ 13
مفتيءِ اعظم هِند جو عمامو امير اهلِ سنت جي مٿي تي ........ 14
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شادي خانہ آبادي ........ 15
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حڪمرانن کان پري رهندا هئا ........ 16
سونَ جي مُنڊِي پائڻ مرد جي لاءِ حرام آهي ........ 17
مصطفيٰ جي پنجن اکرن جي نسبت سان مفتيءِ اعظم جا 5 واقعا ........ 19
(1): بيان روڪرائي توبهہ ڪرايائون ........ 19
(2): ڳالهہ مَڃِي وٺن ها! ........ 20
(3): خادم جي تڪليف جو خيال ........ 21
(4): مفتيءِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اصلاح فرمائي ........ 22
معلوماتي فتويٰ ........ 24
(5): مبالغہ آرائي کان احتياط ........ 25
ٽي حج ........ 26
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نعتيہ شاعري ........ 27
وصال شريف ........ 28
غسل، نمازِ جنازه ۽ تدفين ........ 28
مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تخلص نُوري جي چئن حرفن جي نسبت سان چئن عُلماءِ اهلِ سنّت جا تاثرات ........ 29

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# فيضانِ مفتيءِ اعظم هِند

**دعاءِ عطار:** يا الله پاڪ جيڪو به هي رسالو **فيضانِ مفتيءِ اعظم هِند** مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اولياءِ ڪِرام جي سچي محبت عطا ڪري، انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کان هميشه هميشه جي لاءِ راضي ٿي وڃ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو، ڇو ته توهان جو درود پاڪ مون وٽ پيش ڪيو ويندو آهي. (معجم اوسط، 84/1، حديث: 241)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود پاڪ جي باري ۾ تحقيقِ رَضا

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هيءَ ڳالھ ثابت ۽ واضح آهي ته حضور جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھِ اقدس ۾ درود و سلام ۽ امت جا اعمال بار بار پيش ڪيا ويندا آهن ۽ حديثن کي گڏ ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ سان مون تي هيءَ ڳالھ ظاهر ٿي ته هر درود پاڪ بارگاھِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڏھ ڀيرا پيش ڪيو ويندو

آهي ۽ ٻيا اعمال پنج ڀيرا پيش ڪيا ويندا آهن. دربارِ نبوت ۾ درود پيش ڪرڻ جا ڪجهه طريقا هي آهن: (1): تُربتِ اطهر (يعني قبرِ انور) تي هڪ فرشتو پهچائيندو آهي.(2): اُهو فرشتو پيش ڪندو آهي جيڪو درود پڙهڻ واري سان گڏ مامور و مؤڪل (يعني مقرر) آهي. (3): سير ۽ سياحت ڪرڻ وارا فرشتا پهچائيندا آهن (4): حفاظت ڪرڻ وارا فرشتا درود پاڪ کي سڀني ڏينهن جي عملن سان گڏ شام جو پيش ڪندا آهن ۽ رات جي عملن سان گڏ صبح جو پيش ڪندا آهن. (5): هفتي جي سمورن عملن سان گڏ درود پاڪ جمعي جي ڏينهن پيش ڪيو ويندو آهي (6): سڄي عمر جا سيئي درود قيامت جي ڏينهن پيش ڪيا ويندا. (ڪجهه ڀيرا جيڪي پيش ٿي چڪا آهن، اُهي مقام هي آهن: ) (7): معراج جي رات اعمال پيش ڪيا ويا (8): حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ ڪسوف (يعني سج گرهڻ جي نماز) ۾ ڏٺو (9): الله پاڪ جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ پنهنجو دستِ قدرت رکيو تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هر شيءِ روشن (يعني ظاهر) ٿي وئي (10): قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ وقت سمورين شين جا عِلمَ ۽ معرفتون ڪين حاصل ٿيون. (انباءُ الحی،ص287)

اللہ اللہ تبحر علمی
اہلِ سنّت کا ہے جو سرمایہ

اَب بھی باقی ہے خدمتِ قلمی
واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن جي دِل نہ ٽُٽي (واقعو)

هڪ ڀيري جو ذڪر آهي تہ هندستان جا هڪ تمام وڏا عالمِ دين ۽ مفتيءِ اسلام، جيڪي پنهنجي زماني جا تمام وڏا امام ليکيا ويندا هئا،

ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ رِڪشا ۾ سوار ٿيا. تہ ايتري ۾ هڪ پريشان حال شخص ڊوڙندو آيو ۽ اچي عرض ڪيائين: حضور! مان فلاڻي مصيبت ۾ مبتلا آهيان، مهرباني ڪري تعويذ عطا فرمايو. انهن سان گڏ موجود شخص ناراض ٿيندي ان شخص کي چوڻ لڳو: گاڏيءَ جو وقت ٿي ويو آهي ۽ تون هينئر تعويذ وٺڻ لاءِ آيو آهين! گاڏي نڪري ويندي! دل ۾ خوفِ خدا ۽ رحمدلي جو سمنڊ رکڻ وارا اُهي عالمِ دين بيقرار ٿي ان صاحب کي فرمائڻ لڳا: ريل وڃي ٿي تہ وڃڻ ڏي! مان ٻي گاڏي ۾ هليو ويندس. سڀاڻي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن الله پاڪ مون کان پڇيو تہ تو منهنجي فلاڻي ٻانهي جي پريشانيءَ ۾ مدد ڇو نہ ڪئي؟ تہ مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ ائين چئي انهن رڪشي مان پنهنجو سمورو سامان لهرايو ۽ ان شخص جي مدد ڪرڻ (يعني تعويذ لکڻ) ۾ مشغول ٿي ويا.

اي عاشقانِ اولياءَ! ڇا اوهان کي خبر آهي اُهي عالمِ دين ۽ مفتيءِ اسلام ڪير هئا؟ اُها بزرگ هستي امامِ اهلِ سنت، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللهِعَلَيۡه جا شهزادا، حضور مفتيءِ اعظم هِند حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان نوري رَحۡمَۃُاللهِعَلَيۡه هئا. پاڻ پنهنجي والدِ محترم جيان علم، تقويٰ ۽ خدمتِ خلق ۾ بي مثال هئا.

سندن مخلوقِ خدا جي خدمت جي متعلق هڪ ٻيو واقعو بہ پڙهو! حضور مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَۃُاللهِعَلَيۡه **3 اپريل 1974ع**، اربع جي ڏينهن **ذاڪر نگر جمشيد پور** ۾ ڪنهن شخص جي گهر ترسيل هئا. رات واري جلسي سبب تمام گهڻي دير ٿي وئي هئي ۽ فجر کان اڳ آرام لاءِ ڪين تمام ٿورو وقت مليو هو. تنهنڪري نمازِ فجر کان پوءِ اوراد ۽ وظائف کان فارغ ٿي اکين ۾ سرمو پائي آرام ڪرڻ جو ارادو فرمايائون تہ اُتي موجود ماڻهن

کي کو شخص هٽائڻ لڳو. حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان شخص کي فرمايو: ماڻهن کان پڇي وٺو، متان انهن کي ڪا حاجت هجي، يعني پاڻ هن ڳالهه کي ناپسند فرمايائون تہ ماڻهن کي هٽايو وڃي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هميشہ اهو ئي معمول هوندو هو تہ سيني ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان پوءِ ئي آرام فرمائيندا هئا. پر جيڪڏهن ماڻهو پاڻ ئي خيال ڪندي اٿي هليا وڃن تہ پوءِ بہ ڳالهه هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **پَري ٿيو! سائين کي آرام ڪرڻ ڏيو، توهان هليا وڃو، سائين جن ننڊ ڪندا توهان ڪين آرام ڪرڻ ڏيو.** جهڙن جملن کان ناراض ٿيندا هئا، ڇو تہ ڪين انديشو هوندو هو تہ متان ڪنهن جي دل ٽُٽِي پئي يا ڪنهن جي اهم ضرورت پوري ٿيڻ کان رهجي وڃي. (جهانِ مفتيِ اعظم،ص903)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪرڻ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن ڪنهن مسلمان جي دنياوي تڪليف دور ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان جي اُخروي تڪليف دور فرمائيندو. الله پاڪ ان وقت تائين ٻانهي جي مدد فرمائيندو رهندو آهي، جيسيتائين ٻانهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي. (مسلم شريف،ص1110، حديث : 6853ملتقطاً)

مفتیِ اعظم سے ہم کو پیار ہے    اِن شاءَ اللہ اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# پيدائشي وَلِي

جڏهن امامِ اهلِ سنت، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ جي گهر سندن ننڍي شهزادي، مفتيِ اعظم هند مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ جي ولادت 22 ذوالحج 1310 هجري مطابق 7 جولاءِ 1893ع، جمعي جي ڏينهن صبح صادق جي وقت بريلي شريف (يوپي، هند) ۾ ٿي، تہ ان وقت پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِعَلَیۡہ پنهنجي مرشد جي بارگاھ مارهره شريف ۾ حاضر هئا. حضرت سيد شاه ابو الحسين احمد نوري رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ نمازِ فجر کان پوءِ مصلي تي وينَي وينَي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ کي سندن پيدا ٿيڻ واري شهزادي ۽ مستقبل جي مفتيءِ اعظم لاءِ پنهنجو جُبو ۽ عمامو عطا ڪندي فرمايو تہ: **منهنجي هيءَ امانت اوهان جي حوالي آهي، جڏهن اهو ٻار ان جو اهل ٿي وڃي تہ ان کي ڏئي ڇڏجو.** پوءِ حضرت ابو الحسين نوري رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ کين پُٽ جي ولادت جي مبارڪ ڏيندي فرمايو: توهان بريلي تشريف وٺي وڃو. (مفتیِ اعظم ہند اور ان کے خلفاء،ص20، 21 ، 22 ،23)

مفتيِ اعظم هند رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ جي ولادت کان اڳ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ هيءَ دعا گهر هئي: **اي بي نياز مالڪ! اي رب ڪريم! مون کي اهڙي اولاد عطا فرماءِ جيڪا ڊگهي عرصي تائين تنهنجي دين ۽ تنهنجن ٻانهن جي خدمت ڪري.** الله پاڪ مفتيءِ اعظم رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ جي صورت ۾ سندن اُها دعا قبول فرمائي. (مفتیِ اعظم ہند اور ان کے خلفاء،ص19)

ڇهن مهينن کان پوءِ حضرت ابو الحسين نوري رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ بريلي تشريف کڻي آيا تہ شهزادهءِ اعليٰ حضرت کي سندن هنج ۾ ڏنو ويو. پاڻ رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡہ پنهنجو لعابِ دَهن (يعني مبارڪ ٿُڪ) شهادت واري آڱر سان نومولود جي

وات ۾ وِڏي ۽ ڪافي دير تائين دعائن سان نوازيندا رهيا. **25**جماديٰ الآخر **1310** هجري تي، ڇهن مهينن ۽ ٽن ڏينهن جي عمر ۾ حضرت شاهه ابو الحسين نوري رَحۡمَۃُاللهِ عَلَيۡه ڪين پنهنجي سلسلي ۾ داخل فرمايو ۽ (ان ئي ننڍڙي عمر شريف ۾ ڪين پنهنجن) سيني سلسلن جي اجازت ۽ خلافت عطا ڪندي ارشاد فرمايائون:

**هي ٻار وڏو ٿي دين ۽ ملت جي وڏي خدمت ڪندو ۽ خدا جي مخلوق ڪي هِن جي ذات مان وڏو فيض پهچندو. هي ٻار وَلي آهي، هي فيض جو درياءُ آهي، هِن جي نگاهن سان لکين گمراهه ماڻهو دينِ حق جي راهه تي گامزن ٿيندا.**

(مفتیِ اعظم ہند اور ان کے خلفاء،ص25۔تاریخ مشائخ قادریہ ، 2 / 447ملخصًا۔ جہانِ مفتیِ اعظم ، ص183ملخصاً)

حضرت مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَۃُاللهِ عَلَيۡه جو پيدائشي ۽ اصلي نالو **محمد** آهي، والدِ محترم اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه پڪارڻ جي لاءِ سندن نالو **مصطفيٰ رضا** رکيو، اِهو نالو ايترو تہ مشهور ٿيو جو اڄ ڪين انهيءَ ئي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. (جہانِ مفتیِ اعظم، ص102 بتغیر قلیل)

پاڻ رَحۡمَۃُاللهِ عَلَيۡه جو تخلص **نُورِي** آهي. (شاعر جو مختصر نالو جنهن کي هُو پنهنجي شعرن ۾ اصل نالي جي جاءِ تي استعمال ڪندو آهي، ان کي تخلص چيو ويندو آهي)

مفتیِ اعظم رضا کا لاڈلا　　اور محب سیّدِ ابرار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مفتيءِ اعظم هِند ءِ والدِ محترم

امامِ اهلِ سنت، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه پنهنجي ننڍي شهزادي حضور مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي وڏي لاڏ پيار سان پاليو. جنهن وقت سندن ولادت ٿي ان وقت اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي عمر مبارڪ 38 سال هئي. حضور مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُاللهِعَلَيْه پنهنجي والدِ محترم کان لڳ ڀڳ 30 سال فيض حاصل ڪيو.

منهنجا پيارا ڏاڏا مرشد، سيدي قطبِ مدينہ ضياءُ الدين مدني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه دارالاِفتا ۾ هوندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن سندن ننڍا شهزادا (مفتيءِ اعظم هند) سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. بارگاهِ رَضا ۾ شهزادهءِ رَضا جي حاضريءَ جو انداز ايترو پيارو هوندو هو جو ان تان گهورَ وڃڻ لاءِ دل چوندي هئي، جيڪو بہ ڏسندو هو اُهو چئي ڏيندو هو تہ بيشڪ هِي مادر زاد (پيدائشي) وليءِ ڪامل آهن، هنن کان علاوه ڪنهن ٻئي کان اهڙي انداز جي توقع نہ ٿي ڪري سگهجي. ان وقت سندن عمر لڳ ڀڳ چار سال هئي. پاڻ آهستي ايندا هئا ۽ بارگاهِ رَضا ۾ ادب سان گوڏن ڀر ويهي رهندا هئا. يعني شرارتي ٻارن وانگر نہ گوڙ ڪندا هئا ۽ نہ ئي سامان کي هيڏي هوڏي ڪندا هئا. جڏهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي سندن ننڍي شهزادي جي ولادت تي شاگردن ۽ محبت ڪرڻ وارن جي طرفان مبارڪباد ڏني وئي تہ پاڻ فرمايائون: **اللّٰه پاڪ توهان جي زبان مبارڪ ڪري. مان تہ دين جو هڪ ادنيٰ خادم آهيان ۽ منهنجي دِلي خواهش آهي تہ منهنجو پٽ بہ دين جي خدمت کي پنهنجو مقصد بڻائي.** (جهانِ مفتيِ اعظم، ص64)

## مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو ننڍپڻ

جڏهن مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي عمر چار سال، چار مهينا ۽ چار ڏينهن ٿي ته خود امامِ اهلِ سنت اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سندن رسمِ بسم الله ادا فرمائي ۽ پوءِ پنهنجي وڏي شهزادي حجة الاسلام مولانا حامد رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي خاص طور سندن تعليم ۽ نگراني لاءِ مقرر فرمايائون. جڏهن سندن رسمِ بسم الله ٿي ته پاڻ ان وقت نماز ۽ وضو جا مسئلا سکي چڪا هئا. مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ٽن سالن ۾ ناظره قرآن ڪريم مڪمل ڪيو. سندن سموري تعليم دارالعلوم منظر الاسلام (اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي بريلي شريف ۾ قائم ڪيل مدرسي) ۾ ٿي. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ننڍي هوندي کان ئي اوراد و وَظائف ۽ تلاوتِ قرآن ڪريم جا پابند هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪين نماز جي لاءِ چوڻ جي ضرورت نہ پئي. (جہانِ مفتیِ اعظم، ص65ملتقطاً)

## پهرين فتويٰ

مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه **18** سالن جي عمر ۾ (باقاعدي ديني تعليم کان) فارغ التحصيل ٿيا. پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه بہ پنهنجي والدِ محترم وانگر پهرين فتويٰ **رضاعت** (يعني ٻارن جي کير پيئڻ) **جي مسئلي** تي لکي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جواب صحيح هئڻ تي تمام گهڻي خوشي جو اظهار فرمايو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي پهرين فتويٰ تي جيڪا خوشي سندن والدِ محترم حضرت علامہ مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي ٿي هئي، اهڙي ئي خوشي انهن کي پنهنجي شهزادي، حضور مفتي اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِعَلَيۡه جي فتويٰ تي ٿي ۽ پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه ڪين خود مُهرَ ***(Stamp)*** نهرائي عطا فرمائي. (جہانِ مفتیِ اعظم، ص65ملتقطاً)

شارح بخاري مفتي شريف الحق امجدي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن پهرين فتويٰ جو دلچسپ واقعو هن ريت بيان فرمائن ٿا: اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي **فتاويٰ رضويہ شريف** جو هڪ سان لکيل هڪ جلد اوطاق ۾ پيو هوندو هو. اعليٰ حضرت ڪجهہ مسئلا اتي موجود عالمن کي لکڻ لاءِ ڏيندا هئا ۽ اُهي حضرات ان جي مطابق حڪم ڏسي جواب لکي ڇڏيندا هئا. هڪ ڏينهن حضور مفتيِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اوطاق ۾ تشريف کڻي ويا ۽ ڏٺائون تہ هڪ صاحب فتاويٰ رضويہ ڏسي رهيا آهن ۽ هيٺ هڪ ڪاغذ پيو آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پڇيو تہ انهن عرض ڪيو: "هڪ مسئلو لکڻو آهي." مفتيِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي (انهن سان بي تڪلفي هئي ان ڪري) کين فرمايائون: هن ۾ ڪهڙو ڪمال آهي جو فتاويٰ رضويہ مان ڏسي حڪم لکي ڇڏيو، پاڻ فقہ جي ڪتابن مان ان جي باري ۾ حڪم ڏسي لکو. انهن بہ ساڳئي ئي انداز ۾ جواب ڏنو: **تہ پوءِ هي وٺو ۽ توهان ئي لکو**. مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سوال ورتو. اُهو رضاعت جو ڪو پيچيده (يعني ڏکيو) مسئلو هو (پاڻ حضرت مون کي اُهو مسئلو ٻڌايو هو پر هن وقت ياد نہ ٿو اچي). حضرت مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اتي موجود ڪتابن مان ڏسي ان جو حڪم لکيو، تائيد ۾ عبارتون بہ لکيون ۽ لِکي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ موڪلي ڏنائون. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکت سڃاڻي ورتي ۽ پڇيائون: ڪنهن ڏنو آهي؟ آڻڻ واري عرض ڪيو: ڇوٽي ميان ڏنو آهي. (گهر ۾ مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي سڀئي ڇوٽي ميان چوندا هئا). اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کين طلب فرمايو. مفتيءِ اعظم حاضر ٿيا تہ ڏٺائون تہ اعليٰ حضرت نهايت خوش آهن، سندن پيشاني مبارڪ خوشيءَ وِچان ٻهڪي رهي آهي، فرمايائون: "هن تي صحيح ڪريو." صحيح ڪرائڻ ڪان

پوءِ اعليٰ حضرت ”الجواب صحيح“ يا ان جهڙو ڪو ٻيو جملو لکي پنهنجي صحيح ڪئي ۽ پنج رپيا انعام عطا ڪندي فرمايائون: توکي ”مُهرَ“ نهرائي ٿو ڏيان، هاڻي فتوائون لکندو ڪر. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه پنهنجن مبارڪ هٿن سان مُهر جو خاڪو تيار فرمايو، ڪنيت ۽ لقب لکي مُهر ناهڻ واري جي حوالي ڪيو. جڏهن مُهر تيار ٿي آئي ته ڪين گهرائي عطا فرمايائون.

خاص ڳالهه هيءَ آهي ته اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه اُن پهرين فتويٰ ۾ نه ڪو لفظ گهٽايو، نه وڌايو ۽ نه ئي ڪا اصلاح فرمائي. مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي پهرين فتويٰ ايتري ته صحيح ۽ مڪمل هئي جو ان ۾ ڪٿي به ڪا اصلاح ڪرڻ جي گنجائش نه هئي. (جہانِ مفتیِ اعظم ،ص252)

## آغاز جڏهن اهڙو آهي ته انتها ڇا هوندي!

مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه **1328ھ** کان **1340 ھ** (**12 سالن**) تائين پنهنجي والدِ ماجد امامِ اهلِ سنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي نگرانيءَ ۾ فتوائون لکندا رهيا، پوءِ جڏهن اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو انتقال ٿي ويو ته پاڻ باقاعده فتويٰ جاري فرمائڻ لڳا. (جہانِ مفتیِ اعظم، ص65ملتقطاً)

پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي فتوائن جو مجموعو ستن جلدن تي مشتمل **فتاويٰ مفتيءِ اعظم** جي نالي سان موجود آهي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه وٽ عرب شريف، آفريقا، ماريشس، انگلينڊ، آمريڪا، ملائيشيا، بنگلاديش ۽ پاڪستان وغيره مان ديني مسئلن بابت خط ايندا هئا ۽ پاڻ انهن جا جواب ارشاد فرمائيندا هئا.

عالم و مفتی، فقیہِ بے بدَل
خوب خوش اَخلاق و با کردار ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪاغذ جو ادب

تاجدارِ اهلِ سنت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت، سيدنا و مولانا الحاج محمد مصطفىٰ رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه المعروف **حضور مفتيِ اعظمِ هِند** سادن ڪاغذن ۽ حروفِ مفرده (يعني الڳ الڳ لکيل حرفن جهڙوڪ الف، ب، ت وغيره) جي بہ تعظيم ڪندا هئا، ڇوتہ اُهي قرآن، حديث ۽ شريعت جون ڳالهيون لکڻ ۾ ڪم ايندا آهن. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه **1391 ھ** ۾ جڏهن دارالعلوم ربانيہ، بانده (هند) جي ساليانی دستاربنديءَ واري اجتماع ۾ تشريف فرما ٿيا تہ سواريءَ تان لهي ڪجھ قدم ئي اڳتي هليا تہ سندن نظر اردو لکائيءَ وارن ڪاغذ جي ڪجھ پراڻن ٽڪرن تي پئي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فوراً انهن کي زمين تان کنيو ۽ فرمايائون: ڪاغذن ۽ عربي حرفن (ڇو تہ اردو جي ڪجھ حرفن کان علاوه ٻيا سيئي حروف عربي آهن) جو احترام ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ انهن سان قرآنِ عظيم، حديث ۽ تفسير وغيره ترتيب ڏنا ويندا آهن.

( مفتی اعظم کی استقامت و کرامت، ص124ملخصاً)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

ڪاش! مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي صدقي اسان کي بہ مقدس اوراق جو ادب نصيب ٿي وڃي، لکائي ڪهڙي بہ زبان ۾ هجي، ان تي پير نہ رکو. اهڙا پائيدان ***(DOORMATE)*** دروازن جي ٻاهران نہ رکو جن تي **WELL COME** لکيل هوندو آهي. جيڪي خوش نصيب مسلمان تحريرن جو ادب ڪندي اخبارون، مقدس ڪاغذ ۽ پانا وغيره زمين تي ڏسي ڪٽي ونندا آهن ۽ انهن کي وِچ سمنڊ يا ڪنهن اونهي درياھ ۾ ٽڏو ڪندا آهن،

اهي رشڪ ڪرڻ جي لائق آهن ۽ زمين تان مقدس ڪاغذ ڪٽڻ وارن جي لاءِ خوشخبري آهي تہ:

## متبرڪ ڪاغذ ڪٽڻ جي فضيلت

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڪان روايت آهي تہ نبيّن جي سلطان، صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص زمين تان اهڙو ڪاغذ ڪٽي جنهن ۾ اللّٰه پاڪ جي نالن مان ڪو نالو لکيل هجي، تہ اللّٰه پاڪ ان (ڪٽڻ واري) جو نالو (رُوحن جي سڀ ڪان اعليٰ مقام) **عِلِيين** ۾ بلند فرمائيندو ۽ سندن والدين جي عذاب ۾ گهٽتائي فرمائيندو، توڙي جو سندن والدين غير مسلم ئي ڇو نہ هجن.

(مجمع الزوائد ،300/4،حديث:6846مختصراً)

اَلحمدُ لِلّٰہِ الکریم! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اللّٰه پاڪ، ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، سيني صحابہءِ ڪِرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَہُمُ اللّٰہُ جي محبت، انهن جي ادب ۽ فيضان کي عام ڪرڻ واري تنظيم آهي. دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو نالو **شعبہءِ تحفظِ اوراقِ مقدس** آهي، جنهن جو ڪم گهِٽين، محلن ۽ مسجدن وغيره ۾ مختلف قسمن جا دٻا ۽ ڊَرم وغيره رکي مقدس اوراق گڏ ڪرڻ ۽ بعد ۾ انهن کي مفتيانِ ڪرام جي ڏنل هدايتن مطابق ٿڌو ڪرڻ آهي.

## مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ پيرِ ڪامل

حضرت مولانا مفتي غلام محمد خان صاحب(شيخُ الحديث، جامعہ امجديہ ناگپور) **1953ع** ڪان اڳ ڪنهن جا مريد نہ ٿيا هئا ۽ ڪنهن بہ

سلسلي سان وابستہ ٿيڻ لاءِ بيچين هئا. هڪ ڏينهن حضرت علامہ مفتي عبدالرشيد صاحب (باني جامعہ امجديہ ناگپور) ڪان پڇيائون: حضور! ڪنهن جو مريد ٿيڻ گهرجي؟ جنهن تي حضرت ارشاد فرمايو: **مولانا! هاڻي اهڙا ماڻهو ڪٿي رهيا آهن، جيڪي شريعت ۽ طريقت ۾ ڪامل هجن، سواءِ مفتيءِ اعظمِ هند جي.** (مفتیِ اعظم ہند نمبر، ماہنامہ استقامت، ص 558)

## مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جون خاصيتون

حضور مفتيِ اعظمِ هند رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي چاچا جان مولانا حسن رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جو **1329** هجري ۾ انتقال ٿيو تہ سندن وڏا ڀاءُ مولانا حامد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ مدرسي منظرِ اسلام جا مهتمم بڻيا تہ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فتاويٰ لکندا هئا ۽ تدريس فرمائيندا هئا، ڪين ڪنهن بہ شخص ٺهڪُ ڏيندي نہ ڏٺو. پاڻ هر ڪم ڪرڻ يا ڪنهن بہ شيءِ جي ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ ساڄي هٿ جو اهتمام فرمائيندا هئا. حديث جي ڪتابن مٿان ٻيا ڪتاب نہ رکندا هئا. ميلاد پاڪ يا محفلِ نعت ۽ منقبت جي محفل ۾ آخر تائين ادب سان وينا رهندا هئا. بيمارن جي عيادت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. عُلماءِ ڪرام جو نهايت احترام ڪندا هئا ۽ ساداتِ ڪرام جو اهڙي انداز سان احترام ڪندا هئا جيئن رعايا پنهنجي بادشاهہ جو احترام ڪندي آهي. ڏاڙهي رکڻ ۽ اسلامي لباس پائڻ جي تلقين ڪندا هئا. (جہانِ مفتیِ اعظم ،ص65۔ تذکرہ مشائخ قادریہ رضویہ، ص554)

## مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جي عمامي شريف سان محبت

حضرت مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ سال دارالعلوم فيضُ الرسول براؤن شريف جي ساليانی جلسءِ دستارِ فضيلت جي موقعي تي تشريف کڻي آيا تہ **فيضُ الرسول** جي استادن حضرت مفتيءِ اعظم رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ ڪان

درسِ حديث وني حديث پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو. حضرت مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي اجازت سان درسِ حديث جي هڪ نوراني محفل منعقد ٿي. درسِ حديث جي اُن محفل ۾ شرڪت ڪرڻ وارن جي لاءِ لازمي قرار ڏنو ويو ته هُو عمامو شريف ٻڌي محفل ۾ شريڪ ٿين. تنهڪري دارالعلوم جا سمورا استاد ان مجلس ۾ عمامو ٻڌي شريڪ ٿيا. (مفتیِ اعظم اور ان کے خلفاء، 44/1 بتصرفٍ)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! توهان مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سنتِ رسول، عمامي شريف سان محبت ڏٺي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو عمامي شريف سان محبت جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ جن جن عُلماءِ ڪرام ۽ مفتيانِ عُظام کي خلافت عطا فرمايائون، انهن مان گهڻن کي پنهنجن هٿن سان عمامو شريف ٻڌائون ۽ ڪيترن کي جُبو، دستار ۽ ٽوپي به عطا فرمايائون. (تذکرہ مشائخ قادریہ رضویہ ،ص 509)

سندن مبارڪ انداز هي هو ته پاڻ ويڪرو ۽ اڪثر ڪري اڇي، بادامي رنگ جو عمامو شريف ٻڌندا هئا. حضرت علامه مفتي عبدُالمنان اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مفتيءِ اعظمِ هند رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سادي نموني عمامو ٻڌندا هئا، پر سندن مٿي مبارڪ تي عمامو ايترو ته خوبصورت لڳندو هو جو ڏسڻ وارا چوندا هئا، ڄڻ ته عمامو نهيو ئي هنن جي لاءِ آهي. (جہانِ مفتی اعظم ، ص 243 ملخصاً)

## مفتيءِ اعظم هِند جو عمامو امير اهلِ سنت جي مٿي تي

شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دامت بَرَكَاتُهمُ العاليه ارشاد فرمائن ٿا: دعوتِ اسلامي جي نهڻ کان پهريان ڪراچي جي علائقي کارادر ۾ حضرت سيدنا

**محمد شاهہ دولها بخاري سبزواري** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف واري حيدري مسجد ۾، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خليفي، مداحُ الحبيب حضرت مولانا جميلُ الرحمٰن قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شهزادا حضرت علامہ مولانا حميدُ الرحمٰن قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امامت فرمائيندا هئا. سندن گهر مسجد کان تقريباً ڇهہ ست ڪلوميٽر پري هو. انهن وٽ حضور مفتيِ اعظمِ هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بابرڪت **عمامو شريف هو. فجر جي نماز تي سندن تشريف آوري نہ ٿيڻ جي سبب** فجر جي امامت جي سعادت مون کي ملندي هئي ۽ انهن جو حضور مفتيءِ اعظمِ هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وارو عمامو شريف مون کي نصيب ٿي ويندو هو، جنهن مان، مان برڪتون حاصل ڪندو هئس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! هڪ وليءِ ڪامل جو عمامو شريف ڪيترائي ڀيرا منهنجن هٿن ۽ مٿي سان لڳو آهي. اِنْ شَاءَالله منهنجن هٿن ۽ مٿي کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي ۽ جڏهن هٿن ۽ مٿي کي نہ ڇهندي تہ پوءِ اِنْ شَاءَالله سمورو بدن ئي محفوظ رهندو. اميرِ اهلِ سنت مفتيءِ اعظمِ هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ عاجزي ڪندي عرض ڪن ٿا:

مفتیِ اعظم بڑی سرکار ہے | جبکہ ادنیٰ ساگدا عطّار ہے
اِنْ شاءَ اللہ مغفرت ہو جائیگی | اے وَلی! تیری دعا درکار ہے

(وسائلِ بخشش، ص589، 590)

## مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شادي خانہ آبادي

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شادي پنهنجي چاچي محمد رضا خان صاحب جي گهر ۾ ٿي. الله پاڪ کين ستن ٻارن جي نعمت سان نوازيو، جن ۾ هڪ پٽ ۽

باقي سڀ نياڻيون هيون. سندن فرزند انور رضا ننڍڙي عمر ئي ۾ وفات ڪري ويا. (جہانِ مفتیِ اعظم، ص65ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ حڪمرانن کان پري رهندا هئا

مفتيءِ اعظمِ هند حضرت علامہ مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وزيرن ۽ حڪومتي عهديدارن کان هميشہ پري رهندا هئا. جيئن رئيسُ القلم حضرت علامہ ارشد القادري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: اِهو بہ ديني غيرت جو هڪ بي مثال نمونو آهي تہ سرڪار مفتيءِ اعظمِ هند رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي بيانوي سالن جي ڊگهي زندگيءَ ۾ نہ ڪڏهن ڪنهن ملڪ جي سربراھ جي گهر ويا ۽ نہ ئي ڪنهن وڏي حڪمران جي بنگلي ۾ ڏنا ويا. پر، حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ ملڪ جي ڪيترن ئي سربراهن ۽ وقت جي ڪيترن ئي سلطانن، سندن مجلس ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت گهري، پر مفتيءِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هي فرمائي ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ: **هڪ درويش جو بادشاهن ۽ حڪومتي ماڻهن سان ڪهڙو واسطو؟** (مفتی اعظم کی استقامت و کرامت ص110)

يعني مفتيِ اعظمِ هند رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي والدِ ماجد جي هن شعر جو عملي نمونو هئا:

کروں مدحِ اہلِ دُوَل رضاؔ پڑے اِس بلا میں مری بلا
میں گدا ہوں اپنے کریم کا مرا دین پارۂ ناں نہیں

(حدائقِ بخشش ،ص109)

شرحِ ڪلامِ رضا: اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي هن ڪلام جي مقطع جو مطلب هي آهي تہ: ”اي رضا! مان ۽ دولتمندن، نوابن ۽ حڪمرانن جي تعريف ۽ خوشامد ڪريان؟ نہ نہ هرگز نہ! مون کان تہ اِهو ٿي نہ سگهندو، مان تہ پنهنجي رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي درَ جو فقير آهيان. منهنجو دين **مانيءَ جو ٽڪرو** نہ آهي. (جو جيڏانهن مال ڏسي اوڏانهن لُڙي پوي).

## سونَ جي مُندِي پائڻ مرد جي لاءِ حرام آهي

حضرت علامہ ارشد القادري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ منظر اِهو هوندو هو جڏهن پاڻ ڪنهن مسلمان کي اسلامي شريعت جي خلاف ورزي ڪندي ڏسندا هئا. اَمرٌبِالمَعرُوف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ) جو فرض ادا ڪرڻ وقت پاڻ ننڍي وڏي، امير غريب ۽ حاڪم محڪوم جي وچ ۾ ڪو فرق نہ ڪندا هئا. سندن دربار جو عام معمول هو تہ ڪو وڏي کان وڏو رئيس (يعني مالدار) هجي يا اعليٰ عهديدار جڏهن بہ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ جيڪڏهن ان جي آڱر ۾ سون جي منڊي هوندي هئي تہ پاڻ فوراً اها لَهرائي ڇڏيندا هئا ۽ نهايت شفقت ۽ محبت سان ڪيس تلقين فرمائيندا هئا تہ شريعتِ محمدي ۾ مردن لاءِ سون جو استعمال حرام آهي. پوءِ نهايت دل لُڀائيندڙ لهجي ۾ ارشاد فرمائيندا هئا: **ڪو گناهہ هڪ يا ٻن لمحن يا هڪ يا ٻن ڪلاڪن جو هوندو آهي، پر سون جي منڊي پائڻ جو گناهہ اهڙو آهي جو جيسيتائين اُها پاتل هوندي، تيسيتائين مسلسل گناهہ ٿي گناهہ آهي.** (مفتی اعظم کی استقامت و کرامت ، ص146)

(مُندِيءَ جي باري ۾ تفصيلي ديني مسئلا ڄاڻڻ جي لاءِ اميرِ اهلِ سنت جي ڪتاب 550 سنتون ۽ آداب جو مطالعو ڪريو).

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ڪاش! مفتيءِ اعظم هِند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي اسان به نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ وارا بڻجي وڃون. جيڪڏهن توهان ڪنهن کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيندؤ ته هڪ هڪ ڪلمي جي بدلي، هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب حاصل ڪندؤ، جيئن ته امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيدنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ خداوندي ۾ عرض ڪيو: يا الله پاڪ! جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪيءَ جو حڪم ڪري ۽ برائيءَ کان روڪي، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مان ان جي هڪ هڪ ڪلمي جي بدلي، هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ ان کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حَياءُ ايندو آهي. (مڪاشفة القلوب، ص48)

سُبْحٰنَ الله! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين جا حريص بڻجي وڃو، ٻين کي نمازي بڻائڻ جي مهم تيز کان تيز ڪري ڇڏيو. جڏهن به جماعت سان نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد ڏانهن وڃو ته ٻين کي به ترغيب ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو. جن کي نماز نه ايندي آهي، انهن کي نماز سيڪاريو. جيڪڏهن توهان جي ڪوشش سان ڪو هڪ شخص به نمازي بڻجي ويو ته جيستائين هُو نمازون پڙهندو رهندو، ان جي هڪ هڪ نماز جو ثواب توهان کي به ملندو رهندو. دعوتِ اسلامي جي مدرسةُ المدينه (بالغان) ۾ داخلا وٺي ڇڏيو، ان ۾ پاڻ به قرآن ڪريم سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو.

توهان کان سکڻ وارو جڏهن به تلاوت ڪندو، توهان کي به ان جي تلاوت جو ثواب ملندو رهندو. توهان پاڻ به سنتن تي عمل ڪريو ۽ ٻين کي به عمل ڪرڻ تي آماده ڪريو. جيڪڏهن توهان ڪنهن کي هڪ سنت به سيکاري ڇڏي ته هاڻي هو جڏهن به ان سنت تي عمل ڪندو، توهان کي به ان سنت تي عمل ڪرڻ واري جيان ثواب ملندو رهندو. علائقائي دوره براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۽ قافلن ۾ سنتن ڀري سفر ذريعي پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي زبردست مهم هلائي مسلمانن کي "نيڪ" بڻائڻ واري "مشين" بڻجي وڃو. اِنْ شَاءَ الله ثواب جا ڍير لڳي ويندا ۽ ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿي ويندا. نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ تي آخرت ۾ ملڻ وارو ثواب جيڪڏهن ٻانهو دنيا ۾ ئي ڏسي وٺي ته هڪ گهڙي به بيڪار نه وڃائي ۽ هر وقت نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچائيندو رهي.

میں نیکی کی دعوت کی دھومیں مچاؤں — تو کر ایسا جذبہ عطا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصطفيٰ جي پنجن اکرن جي نسبت سان مفتيءِ اعظم جا 5 واقعا

### (1): بيان روڪرائي توبهه ڪرايائون

چيو وڃي ٿو ته هڪ ڀيري ڪنهن جلسي ۾ شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتيِ اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسٽيج تي جلوه افروز هئا. هڪ جوشيلي مقرر خفيه پوليس کي مخاطب ڪندي جوشِ خطابت ۾ چئي وينو: **جيڪڏهن حڪومت جا ڪراماً ڪاتبين موجود آهن ته لکي ڇڏين**

تہ۔۔۔۔اِهي لفظ ٻڌندي ئي حضور مفتيِ اعظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه فوراً ان کي ٽوڪيو ۽ توبهہ ڪرڻ جو حڪم فرمايو. جنهن تي ان مقرر فوراً تقرير روڪي علي الاعلان توبهہ ڪئي. (ڪفريہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص300)

الله پاڪ جي مفتيءِ اعظم هند تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضور مفتيءِ اعظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي ٽوڪڻ جو سبب هي هو تہ مُقرر (يعني تقرير ڪرڻ وارو) حڪومت جي ”خفيہ پوليس“ ڪي، معاذ الله! ڪراماً ڪاتبين (يعني ٻانهن جا عمل لکڻ وارن بزرگ ۽ معصوم فرشتن) جهڙو چيو هو.

پیکرِ رُشد وہِدایت مفتیِ اعظم کی ذات عاملِ قرآن وسنّت مفتیِ اعظم کی ذات

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2): ڳالهہ مَڃِي وٺن ها!

حضرت مولانا حفيظ الرحمٰن صاحب مرحوم جو بيان آهي تہ: هڪ ڀيري مان پنهنجي نهايت ويجهي عزيز سان گڏ مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سان ملاقات لاءِ حاضر ٿيس. ملاقات کان پوءِ حضرت مهمان نوازيءَ لاءِ اصرار فرمايو تہ اسان ترسي پياسين. انهيءَ دوران شاهہ جهانپور کان ڪجهہ عقيدتمند حاضر ٿيا. حضرت جي دست بوسي ڪري ويهي رهيا ۽ پوءِ فوراً ئي واپس وڃڻ لڳا. حضرت انهن کي روڪڻ لاءِ خصوصي توجهہ فرمائي، پر اهي نہ ترسيا ۽ اسٽيشن ڏانهن روانا ٿي ويا. پر ڪين ٽرين نہ ملي. پوءِ

بس اسٽينڊ ڏانهن آيا ته اتي به انهن کي بَس نہ ملي. بس اسٽينڊ جي مئنيجر کين ٻڌايو ته هن وقت شاھ جهانپور ڏانهن ڪا به بس نہ ويندي، صبح جو ويندي. نيٺ اُهي دِل شڪسته ٿي واپس حضرت جي آستانءِ عاليه (يعني گهر مبارڪ) ڏانهن روانا ٿيا. حضور مفتيءِ اعظم انهن جي وڃڻ کان پوءِ حضرت مولانا حفيظُ الرحمٰن صاحب کي فرمايو: هي سڀ حضرات ٿوري دير کان پوءِ واپس اچي ويندا، کين نہ بس ملندي ۽ نہ ئي ٽرين. ٿوري دير کان پوءِ ڪافي پريشاني برداشت ڪري ٿڪجي ٻيهر اچي حضرت جي آستاني تي پهتا، انهن کي ڏسي مولانا صاحب مسڪرائڻ لڳا. حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به تبسم فرمايو ۽ پوءِ سيني ماڻهن سان گڏجي ويهي کاڌو تناول فرمايائون. (جہانِ مفتیِ اعظم ، ص912 تسہیلاً)

اللّٰه پاڪ جي مفتيءِ اعظم هند تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3): خادم جي تڪليف جو خيال

شارحِ بخاري حضرت علامه مولانا مفتي محمد شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان جو خلاصو آهي ته مان جڏهن مفتيءِ اعظم هند حضرت علامه مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ بريلي شريف حاضر ٿيس ته پاڻ دارالاِفتاء جي خدمت منهنجي حوالي فرمائي ڇڏيائون. مان ڏينهن جو مسئلن جا جواب لکندو هئس ۽ عشاء کان پوءِ کين ٻڌائيندو هئس، پاڻ جتي مناسب سمجهندا هئا، اتي اصلاح فرمائيندا هئا. اِها مجلس عام طور تي ٻن يا ٽن ڪلاڪن جي هوندي هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن چار ڪلاڪ به جاري رهندي هئي. انهن

ئي ڏينهن ۾ هڪ ڀيري جڏهن سخت سياري جي موسم هئي. ڪمري ۾ حضرت جي لاءِ سِگري رکيل هئي، جيڪا ڪجهه وقت کان پوءِ ٿڌي ٿيڻ لڳي. اوچتو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: جيڪڏهن وڏيڪ ڪوئلو هجي ها ته سِگري ئي گرم ٿي وڃي ها. مون عرض ڪيو: اندر خادم کي چئي ڪوئلو گهرائي وٺان؟ پاڻ فرمايائون: ويچاري سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪري ٿڪِجي ٿُڪِي سُمهِي پئي هوندي، بس ڇڏيوس. (جهانِ مفتيِ اعظم، ص328ملتقطاً)

اللّٰه پاڪ جي مفتيءِ اعظم هند تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4): مفتيءِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اصلاح فرمائي

حضرت علامه مولانا غلام آسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان پنهنجي نالي جي شروعات ۾ برڪت خاطر لفظ **محمد** شامل ڪري ڇڏيو هو. ان تي شهزادهءِ اعليٰ حضرت، مفتيءِ اعظم مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تنبيهه فرمائي ته هِتي اسمِ رسالت (يعني محمد) نه هجڻ گهرجي. مون فوراً عرض ڪيو ته: حضور! پوءِ **محمد عبد الحي** بابت ڪهڙو حڪم ٿيندو؟ جنهن جي جواب ۾ پاڻ فرمايائون: ڪُجا عبد الحي و ڪُجا غلام آسي. يعني ”ڪٿي عبد الحي ۽ ڪٿي غلام آسي؟ علامه صاحب فرمائن ٿا: اِهو جواب ٻڌي مان حيران ٿي ويس ۽

حضرت جي تَفَقُّهٌ فِي الدِّيْن (دِيني مسئلن جي ڄاڻ) جي عظمت منهنجي دل ۾ گهر ڪري وئي.

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ارشاد سان هن ڳالهه جي رهنمائي فرمائي آهي تہ: جنهن نالي جي شروعات ۾ لفظ **محمد** لکيو وڃي، جيڪڏهن ان نالي جو اطلاق لفظ **محمد** تي درست هجي تہ اهڙي صورت ۾ **محمد** لفظ لڳائڻ درست آهي، جيئن: **محمد صادق** ۽ جيڪڏهن ان نالي جو اطلاق لفظ **محمد** تي درست نہ هجي تہ اهڙي نالي جي شروعات ۾ لفظ **محمد** لڳائڻ درست نہ آهي، جيئن: **محمد غلام حسين**. حضور سيدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **عبد الحي** آهن، تنهنڪري **محمد عبد الحي** چوڻ درست آهي. (**حَي** اللّٰہ پاڪ جو نالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي **زنده**. **عبدالحي** جو مطلب آهي اللّٰہ پاڪ جو ٻانهو. يقيناً محمد اللّٰہ پاڪ جا خاص ٻانها آهن. پر **غلام آسي** نہ آهن. تنهنڪري **محمد غلام آسي** چوڻ مناسب نہ آهي.

(جہانِ مفتی اعظم ، ص451)

اللّٰہ پاڪ جي مفتيءِ اعظم هِند تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نامِ محمد کتنا میٹھا لگتا ہے
دونوں جہاں سرکار کا مجھ کو صدقہ لگتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# معلوماتي فتويٰ

سوال: عبدالقادر، عبدالقدير، عبدالرزاق وغيره نالن وارن ماڻهن کي صرف قادر، قدير يا رزاق چوڻ ڪيئن آهي؟

جواب: شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتيءِ اعظم هند مولانا محمد مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙن نالن مان لفظ **عبد** هٽائي ڇڏڻ تمام خراب ڳالهه آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ناجائز ۽ گناهه هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪفر جي قريب به پهچي ويندو آهي. ڪنهن شخص کي **قادر** چوڻ جائز آهي، هن صورت ۾ **عبدالقادر** کي **قادر** چوڻ خراب آهي، جڏهن ته **قدير** الله پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي چوڻ جائز نه آهي. جيئن بيضاوي ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن جو نالو **عبدالقدوس**، **عبدالرحمٰن**، **عبدالقيوم** آهي ته ان کي **قدوس**، **رحمٰن**، **قيوم** چوڻ ائين ئي آهي، جيئن ڪنهن جو نالو **عبدالله** هجي ۽ ان کي **الله** چوڻ انتهائي سخت ڳالهه آهي. والعِياذُبِاللهِ تنهنڪري جنهن جو نالو **عبدالقادر** هجي ان کي **عبدالقادر** ئي چيو وڃي، جنهن جو نالو **عبدالقدير** هجي ان کي **عبدالقدير** ئي چوڻ ضروري آهي. **عبد القدوس** کي **عبد القدوس**، **عبد الرحمٰن** کي **عبد الرحمٰن**، **عبدالقيوم** کي **عبدالقيوم**، **عبدالله** کي **عبدالله** ئي چوڻ فرض آهي. هتي **عبد** لفظ کي حذف ڪرڻ (يعني هٽائي ڇڏڻ) سخت حرام ۽ ڪفر هوندو. والعِياذُبِاللهِ (فتاوٰی مصطفویہ ،ص89 ، 90تسہیلاً)

## (5): مبالغ آرائي کان احتياط

حضور مفتيءِ اعظم هِند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه جي زبان مبارڪ مان هميشہ سون سان تورڻ جهڙا لفظ نڪرندا هئا. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه جڏهن بہ ڪنهن جي وفات جي خبر ٻڌندا هئا تہ فوراً دعاءِ مغفرت جي لاءِ هٿ کڻندا هئا. پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه جي خدمت ۾ فوت ٿي وڃڻ وارن جي باري ۾ ڪيترائي خط پيش ڪيا ويندا هئا. سندن تعزيت ڪرڻ ۾ مبالغہ آرائي کان بچڻ جو شاندار واقعو پڙهو. هڪ ڀيري ڪنهن تعزيتي خط جو جواب لکڻو هو. شهزادهءِ اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه مفتي مجيب الاسلام صاحب کي فرمايو: توهان جواب لکو، مان ان تي صحيح ڪريان ٿو. جيئن تہ مفتي صاحب لکيو تہ: توهان جو خط مليو. صاحبزادي جي انتقال جي خبر پڙهي تمام گهڻو افسوس ٿيو. حضرت جواب ٻڌڻ کان پوءِ فوراً فرمايو: **تمام گهڻوافسوس** تہ نہ ٿيو، پر ها **افسوس ٿيو**. (جہانِ مفتی اعظم ، ص319)

الله پاڪ جي حضور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اِهو هيو هڪ وليُ الله ۽ سچي عاشقِ رسول جو لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ احتياط!! حضور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه کي پنهنجي والدِ محترم اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡه جي فيضان سان لکڻ ۽

ڳالهائڻ ۾ احتياط جي تربيت حاصل ٿي هئي. حضور اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه بہ نهايت محتاط الفاظ استعمال فرمائيندا هئا. اسان کي بہ محتاط الفاظ استعمال ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. مثال طور: ڪنهن جي والد صاحب جي انتقال ٿي وڃڻ تي هن قسم جا لفظ چوڻ تہ مون کي توهان جي والد صاحب جي موت جي خبر ٻڌي سخت جهٽڪو لڳو، تمام گهڻو صدمو پهتو، مان تمام گهڻو اداس ٿي ويس، مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو. اِهي سمورا جملا قابلِ غور آهن. جيڪڏهن دل جي ڪيفيت اهڙي نہ هجڻ جي صورت ۾ ڪو ڄاڻي واڻي اهڙا جملا چوي تہ ان ڪوڙ ڳالهايو ۽ گنهگار ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار بڻيو.

هُوں گناہوں کے مَرَض سے نیم جاں — دردِ عصیاں کی دوا درکار ہے

خوب خدمت سنّتوں کی میں کروں — سیِّدی تیری دعا درکار ہے

(وسائلِ بخشش،ص589، 590)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽي حج

سرڪار مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي حج ۽ مديني منوره جي زيارت جي سعادت ٽي ڀيرا نصيب ٿي. آخري ڀيري حاضريءَ جي موقعي تي پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه مڪي پاڪ ۾ انهن حرمين شريفين جي عالمن سان بہ ملاقات ڪئي، جن اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سان سندن زندگي ۾ حرمين طيبين ۾ ملاقات جي سعادت حاصل ڪئي هئي. (جهانِ مفتيِ اعظم، ص994، 995ملتقطاً)

پاڻ پنهنجي هڪ ڪلام ۾ لکن ٿا:

خدا خیر سے لائے وہ دن بھی نوری مدینے کی گلیاں بُہارا کروں میں

(سامانِ بخشش،ص153)

## مفتيءِ اعظم هِند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نعتيه شاعري

شهزادهءِ اعليٰ حضرت مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ورثي ۾ نعتيه شاعريءَ جو به وڏو حصو مليو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حمدِ باري تعاليٰ، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ ڪيترائي نعتيه ڪلام ۽ بزرگانِ دين رحمۃُ اللہِ علیهم جون منقبتون لکيون آهن. سندن ڪلام شرعي ۽ فني لحاظ کان هر عيب کان پاڪ آهي. پاڻ پنهنجي هڪ رباعي ۾ فرمائن ٿا:

گلہائے ثنا سے مہکتے ہوئے ہار سقمِ شرعی سے ہیں مُنزّہ اَشعار
دشمن کی نظر میں یہ نہ کھٹکیں کیونکر ہیں پھول مگر ہیں چشمِ اَعدا میں خار

(سامانِ بخشش،ص232)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نعتيه ديوان **سامانِ بخشش** پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سان تعلق رکي ٿو. مڪتبة المدينہ بہ ان کي خوبصورت انداز ۾ شايع ڪيو آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ تان هي ديوان مفت ۾ ڊائون لوڊ ڪري پڙهي سگهجي ٿو.

## وِصال شريف

حضور مفتيءِ اعظم هند رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه هميشہ مسجد ۾ نماز ادا ڪندا هئا، پر وصال شريف کان هڪ ڏينهن پهريان اربع جي ڏينهن ظهر ۽ عصر جي نماز لاءِ مسجد ۾ نہ آيا تہ ماڻهن جون دليون اِن احساس سان ڌڙڪڻ لڳيون تہ سندن طبيعت گهڻي ناساز ٿي وئي آهي. آخري رات عشاء جي نماز بستري تي ئي ادا فرمايائون. ان کان پوءِ سيني تي دم ڪيائون ۽ خاموشيءَ سان اکيون بند ڪري ليٽي پيا تہ جيئن معمولات مڪمل ڪري وٺن. خميس جي رات اڌ گذري وئي تہ اکيون کولي وڏي ضبط سان غمگين چهرن ڏانهن نهاريائون ۽ پوءِ وصيت طور فرمايائون: **هر حال ۾ سنتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **تي عمل پيرا رهجو، ڇو تہ اِها ئي نجات ۽ ڪاميابيءَ جي واٽ آهي.** پوءِ ٿوري دير کان پوءِ فرمايائون: هر ڏکي (يعني مشڪل) وقت ۾ حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيلُ پڙهندا رهجو. انهن ٻن اهم وصيتن کان پوءِ سورة الملڪ شريف جي تلاوت فرمايائون ان کان پوءِ آيةُ الڪرسي پڙهي ڪلمہءِ طيبہ جو وِرد ڪندي ڪندي وصال فرمايائون. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ. (تاريخ مشائخ قادريہ رضويہ ،ص571)

**13** محرم شريف **1402** هجري بمطابق **12** نومبر **1981ع**، تي **1** لڳي **40** منٽن تي وصال فرمايائون. وصال وقت بستري تي شڪلِ محمد جي انداز ۾ ليٽيل هئا. (تاريخ مشائخ قادريہ رضويہ، ص 571، 572 ماخوذاً)

## غسل، نمازِ جنازه ۽ تدفين

جمعي جي ڏينهن **14** محرم شريف **1402** هجري، بمطابق **13** نومبر **1981ع** صبح جو انين وڳي کين غسل ڏنو ويو. سرڪارِ ڪَلان

حضرت مولانا سيد مختار اشرف رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ (سجاده نشين ڪڇوڇھ شريف) اسلاميہ انٽر ڪاليج بريلي شريف (هند) ۾ سندن نمازِ جنازه پڙهائي، جنهن ۾ لکين مسلمانن شرڪت ڪئي. پوءِ پاڻ رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ کي پنهنجي والدِ ماجد، امامِ اهلِ سنت اعليٰ حضرت رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جي پيرِ ۾ کابي پاسي کان دفن ڪيو ويو. (مفتی اعظم ہند اور ان کے خلفاء، ص102ملتقطاً)

الله پاڪ جي مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مفتيءِ اعظم هِند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ جي تخلص نُوري جي چئن حرفن جي نسبت سان چئن عُلماءِ اهلِ سنّت جا تاثرات

**(1):** حضور حافظِ ملت حضرت علامہ حافظ عبدالعزيز صاحب رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمايو: پنهنجي شهر ۾ ڪنهن کي عزت ۽ مقبوليت نہ ملندي آهي، پر حضور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ کي پنهنجي ئي شهر ۾ جيڪا عزت ۽ مقبوليت حاصل آهي، ان جو مثال ڪٿي بہ نہ ٿو ملي.

(مفتیِ اعظم ہند نمبر، ماہنامہ استقامت، ص 559)

**(2):** حضور مجاهدِ ملت حضرت علامہ محمد حبيبُ الرحمٰن رضوي اُڙيسوي رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ فرمايو: هن دور ۾ هن (يعني حضور مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُاللہِ عَلَیۡہ) جي هستي فقيد المثال (يعني بيمثال) آهي. خاص ڪري بابِ اِفتاء ۾، بلڪ روزمره جي گفتگو ۾ بہ پاڻ جيتري قدر محتاط

۾ مناسب لفظ ۾ قيود استعمال فرمائيندا آهن، اهلِ علم ئي انهن جي منزل مان لطف اندوز ٿيندا آهن. (مفتی اعظم ہند نمبر، ماہنامہ استقامت، ص 559)

**(3):** غزاليءِ دوران حضرت علامہ سعيد احمد ڪاظمي شاهہ صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: سيدي مفتيءِ اعظم هند رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو شان هن حقيقت مان ظاهر آهي تہ پاڻ امامِ اهلِ سنت، مجددِ دين و ملت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي جگر جا ٽڪرا ۾ سندن صحيح جانشين هئڻ سان گڏوگڏ الولد سرٌّ لابيه (يعني پٽ پيءُ جو راز هوندو آهي) جا سچا مصداق آهن. (تاریخِ مشائخ قادریہ،ص551)

**(4):** خليفہءِ اعليٰ حضرت، سيدي قطبِ مدينہ حضرت شاهہ ضياءُ الدين احمد مدني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مفتيءِ اعظم هِند، واقعي مفتيءِ اعظم آهن، اعليٰ حضرت آهن ۾ صديقيت جي درجي تي فائز آهن.

(تاریخِ مشائخ قادریہ،ص552)

**(5):** بانيءِ دعوتِ اسلامي، مولانا محمد الياس عطار قادري دامت بَرَكاتُهم العاليه فرمائن ٿا: تاجدارِ اهلِ سنت، شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حضور مفتيءِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان نوري رضوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ دارالعلوم منظرِ اسلام بريلي شريف جا عظيم فاضل، علوم ۾ فنون جا ماهر، مفتيءِ اسلام، جيّد عالمِ دين، ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف، شاعرِ اسلام ۾ مشهور شيخ طريقت هئا. هڪ ٻي جاءِ تي فرمائن ٿا: حضور مفتيءِ اعظم هند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جا شهزادا، ولي اِبنِ ولي، عاشقِ رسول

اِبنِ عاشقِ رسول هئا. (مدنی مذاکرہ،12محرم شریف 1440 ہجری، 22 ستمبر 2018۔مدنی مذاکرہ 20رَمَضانُ المبارَک(بعد نمازِ عصر)1441ہجری ، 14مئی2020)


اميرِ اهلِ سنت دامت بَرَکاتُهمُ العاليه، مفتيءِ اعظم هند رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْه جي شان ۾ هڪ منقبت لکي آهي، جيڪا سندن نعتيہ ڪتاب **وسائلِ بخشش** ۾ موجود آهي. ان منقبت جي مقطع ۾ عاجزيءَ ڪندي لکن ٿا:

کاش! نوری کے سگوں میں ہو شمار　　یہ تمنائے دلِ عطارؔ ہے

(وسائلِ بخشش،ص590)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net